SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XXII مجريه 1984

SINDH ORDINANCE NO.XXII OF 1984

سنڌ ڪوآپريٽو سوسائٽيز (ترميم) آرڊيننس، 1984

THE SINDH CO_OPERATIVE SOCIETIES (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1925 جي سنڌ ايڪٽ VII جي دفعه 27 جي ترميم
Amendment of section 27 of Sindh Act VII of 1925

سنڌ آرڊيننس نمبر XXII مجريہ 1984

SINDH ORDINANCE NO.XXII OF 1984

سنڌ ڪو آپريٽو سوسائٽيز (ترميم) آرڊيننس، 1984

THE SINDH CO_OPERATIVE SOCIETIES (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[27 سيپٽمبر 1984]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ ڪو آپريٽو سوسائٽيز ايڪٽ، 1925 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ شرعي عدالت سنڌ ڪو آپريٽو سوسائٽيز ايڪٽ، 1925 ۾ ترميم ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ ڪو آپريٽو سوسائٽيز ايڪٽ، 1925 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي، تنهن ڪري پنجين جولاءِ 1977 واري اعلان ۽ پرووزنل ڪنسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي روشني ۾، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ڪو آپريٽو سوسائٽيز (ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1925 جي سنڌ

2. سنڌ ڪو آپريٽو سوسائٽيز ايڪٽ، 1925 جي دفعہ 27

۾ ذيلي دفعہ (3) کانپوءِ هيٺيون نئون ذيلي دفعہ شامل ڪيو ويندو: “(4) جتي فوت ٿي ويل ميمبر جو حصو يا وياج هڪ نامزد ڪيل يا نامزد ڪيلن، وارثن يا قانوني نمائندي ڏانهن منتقل ڪيو ويو آهي، جيئن معاملو هجي، اهڙي حصي يا وياج جو ملهہ جيئن سوسائٽي طرفان طئي ڪيو ويو هجي، اهو نامزد ڪيل يانامزد ڪيلن، وارث يا قانوني وارثن ۾ پرسنل لا تحت ورهايو ويندو.”	ايڪٽ VII جي دفعہ 27 جي ترميم Amendment of section 27 of Sindh Act VII of 1925

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.